ربیع الاوّل 1445ھ/اکتوبر 2023ء

# ماہوار فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی



ویب ایڈیشن

# جنت کهڙن ماڻهن جي لاءِ آهي؟

مفتي محمد قاسم عطاري

الله ربّ العزت فرمايو: وَ اُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ غَيْرَ بَعِيْدٍ ﴿۳۱﴾ هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِكُلِّ اَوَّابٍ حَفِيْظٍ ﴿۳۲﴾ مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ وَ جَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبِ ﴿۳۳﴾ ادْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍؕ ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُلُوْدِ ﴿۳۴﴾ لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ فِيْهَا وَلَدَيْنَا مَزِيْدٌ ﴿۳۵﴾ ترجمو كنزالعرفان: ۽ جنت پرهيزگارن جي ويجهو آندي ويندي، انهن کان پري نہ ٿيندي. (چيو ويندو:) هي آهي اها (جنت) جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو ويندو هو هر رجوع ڪرڻ واري، حفاظت ڪرڻ واري جي لاءِ. جيڪو رحمٰن کان اڻ ڏٺي ڊڄو ۽ رجوع ڪرڻ واري دل سان آيو. (انهن کي فرمايو ويندو) سلامتي سان جنت ۾ داخل ٿي وڃو. هي هميشہ رهڻ جو ڏينهن آهي. انهن جي لاءِ جنت ۾ اهي تمام شيون هونديون جيڪي اهي چاهيندا ۽ اسان وٽ ان کان بہ وڌيڪ آهي. (پ26، ق:31تا35)

## تفسير

ذڪر ڪيل آيتن ۾ پنج شين جو بيان آهي: (1) جنت پرهيزگارن جي لاءِ آهي ۽ خدا جي انعام ۽ اڪرام جو هي عظيم مقام پرهيزگارن جي ويجهو ڪيو ويو آهي يا ويجهو ڪيو ويندو. (2) جنت جو وعدو انهن ماڻهن جي لاءِ آهي جيڪي خدا جي طرف تمام گهڻو رجوع ڪرڻ، پنهنجي ايمان، نيڪ اعمال، تنهائي ۾ توڙي سيني جي سامهون، ظاهر و باطن ۽ حقوق الٰهي جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن ۽ گڏوگڏ، اڻ ڏٺي رحمٰن کان ڊڄڻ ۽ خدا جي حضور ۾ رجوع ڪرڻ وارا دلين سان پيش ٿيڻ وارا آهن. (3) جنت ۾ داخلہ سلامتي سان ۽ هميشہ جي لاءِ هوندي. (4) جنتين کي جنت ۾ اهو سڀ ڪجهہ عطا ڪيو ويندو جنهن جي هُو خواهش ڪندا. (5) جنت ۾ خواهش ۽ طلب سان ملڻ وارين نعمتن کان علاوه خداوندِ ڪريم جي طرفان وڌيڪ نعمتون بہ عطا ڪيون وينديون جن ۾ سڀني کان اعلي نعمت الله پاڪ جو ديدار ٿيندو.

آيت ۾ فرمايو تہ جنت پرهيزگارن جي ويجهو آندي ويندي، انهن کان پري نہ ٿيندي.



ٻانهن تي خدا تعاليٰ جي فضل و ڪرم ۽ هميشگي واري نعمتن تي مشتمل عظيم مقام جو نالو جنت آهي جيڪا الله تعاليٰ ايمان وارن جي لاءِ ٺاهي آهي، هن ۾ اهي نعمتون آهن جن کي نه اکين ڏٺو، نه ڪنن ٻڌو ۽ نه ڪنهن انسان جي دل تي ان جو خيال ئي گذريو ۽ هي مقام(يعني جنت) ستين آسمان ڪان مٿي آهي.

جنت پرهيزگارن جي ويجهو آندي ويندي جون ڪيئي معنائون آهن: (1) هڪ معنيٰ هي آهي ته دنيا ئي ۾ جنت کي پرهيزگارن جي دلين جي ويجهو ڪيو ويو جو انهن جي دلين ۾ جنت ۾ داخلا جو شوق ۽ اُتي پڄائڻ وارن عملن جي محبت وڌي وئي آهي جن تي اهي عمل ڪن ٿا (2) ٻي معنيٰ اها آهي ته جنتين جي لاءِ قيامت جي ميدان ڪان جنت جي طرف وڃڻ آسان ڪيو ويندو جو جنت جيتوڻيڪ ڪيتري ئي مفاصلي تي هجي پر جنتين جي لاءِ ان ۾ وڃڻ ايئن ئي آسان ٿيندو جيئن ڪنهن قريبي مقام تي انسان آساني سان هليو ويندو آهي. (3) ٽئين معنيٰ هي آهي ته جنت ڏسڻ جي لاءِ ايئن ويجهو ڪئي ويندي جو قيامت جي ميدان ڪان ئي جنتي ان کي آساني سان ڏسي سگهندا. (4) چوٿين معنيٰ هي آهي ته جنت ۾ وڃڻ ڪان بعد جنت جون تمام جڳهيون اچڻ وڃڻ جي لاءِ نهايت ويجهو ڪيون وينديون جيتوڻيڪ جنتي جو محل موجوده سڄي دنيا ڪان وڏو هجي پوءِ به جيڪڏهن هو ڪنهن ٻي هنڌ وڃڻ چاهيندو ته ٿوري گهڙيءَ ۾ اُتي پهچي ويندو. يعني پهچ جي لحاظ ڪان سيئي جڳهيون ويجهو هونديون. هي سيئي تعبيرات تفسير طبري، قرطبي ۽ بغوي مان ورتل آهن.

انهي آيت تي حضرت علامہ اسماعيل حقي هيئن ڪلام ڪيو آهي ته **جنت ۾ داخلي جي اعتبار سان پرهيزگارن جا ٽي قسم آهن:** (1) **عام مومن** (2) **خاص مومن** (3) **خاص الخاص مومن. عام مومن** جنت جي طرف پيادل ويندا جيئن قرآن ڪريم ۾ ذڪر آهي: (وَسِيۡقَ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا رَبَّهُمۡ اِلَى الۡجَنَّةِ زُمَرًا) ترجموڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي رب ڪان ڊڄڻ وارن کي ٽولا ٽولا ڪري جنت جي طرف هلايو ويندو. (پ24،الزمر:73) **خاص مومن:** پنهنجي نيڪين جي سوارين تي سوار ٿي ڪري جنت جي طرف ويندا. انهن جون نيڪيون سوارين جي صورت ۾ تبديل ڪيون وينديون جيئن قرباني جي جانور ۽ مسجدن جي متعلق روايتون موجود آهن **خاص الخاص ماڻهن** جو معاملو هيئن ٿيندو جو هُو پاڻ اوچي مقام تي هوندا ۽ جنت انهن جي ويجهو ڪئي ويندي ۽ انهن جي لاءِ فرمايو ويندو ته جنت انهن ڪان پري ناهي.

(روح البيان،ق، تحت الآية: 31، 130/9)

**آيت ۾ فرمايو ته جنتين کي چيو ويندو ته هي آهي جنت جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو پيو وڃي.** جنتين کي هي بشارت جنت ۾ داخلا جي وقت ٻڌائي ويندي ۽ اها خوشخبري يا ته عظيم شرف عطا ڪندي الله پاڪ جي طرفان ڏني ويندي يا ملائڪن جي زبان سان ملندي.

**آيتن ۾ ٻڌايو ته جنت ڪهڙن وصفن جي مالڪ ماڻهن جي لاءِ آهي؟**

جنتين جو پهريون وصف: آيت ۾ فرمايو: **لِكُلِّ اَوَّابٍ** يعني هر رجوع ڪرڻ واري جي لاءِ.

”اَوَّاب“ جون ڪيئي معنائون بيان ڪيون ويون آهن ۽ سيئي معنائون پنهنجي جڳهه تي صحيح آهن.

(1)”اَوَّاب“ مان مراد اهو شخص آهي جيڪو معصيت ۽ نافرماني کي ڇڏي ڪري اطاعت اختيار ڪري. (2) حضرت سعيد بن مسيّب رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ”اَوَّاب“ اهو آهي جيڪو گناهه ڪري پوءِ توبه به ڪري وري جيڪڏهن ان کان گناهه ٿي وڃي ته وري توبه ڪري. (3) ”اَوَّاب“ مان مراد اهو شخص آهي جيڪو اڪيلائي ۾ پنهنجي گناهن کي ياد ڪري انهن جي بخشش جو سوال ڪري. (خازن، ق، تحت الآية: 32، 178/4-روح البيان،ق،تحت الآية: 32، 131/9) (4) ”اَوَّاب“ مان مراد تسبيح ڪرڻ وارو آهي. (تفسير طبرى، ق، تحت الآية:32، 428/11) (5) ”اَوَّاب“ موٽڻ واري کي چوندا آهن، لهٰذا هي اهو شخص آهي جيڪو گناهن کان نيڪين جي طرف موٽي ويندو آهي ۽ استغفار ڪندو آهي. (تفسير ڪبير، ق، تحت الآية: 32، 145/10)

**جنتين جو ٻيو وصف: حَفِيْظ (حفاظت ڪرڻ وارو).**

هن بابت مفسرن جا ڪيئي اقوال آهن: (1) حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي ته ”حَفِيْظ“ اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي احڪام جي حفاظت ڪرڻ وارو هجي يعني الله پاڪ جي حق جي حفاظت ڪري، خدا جي نعمت جو اعتراف ڪري ان جو شڪر ادا ڪري. (2) حديث شريف ۾ فرمايو ته جنهن ڏينهن جي پهرين پَهر ۾ چار رڪعت نفل نماز تي هميشگي اختيار ڪئي ته اهو ”اَوَّاب“ ۽ ”حَفِيْظ“ آهي. (قرطبى، ق، تحت الآية: 32، جز:17، 17/9) (3) ”حَفِيظ“ اهو آهي جيڪو پنهنجا تمام ساهه الله جي لاءِ صَرف ڪري يعني ربّ جي طلب کانسواءِ ڪنهن بي هنڌ پنهنجا ساهه ضايع نه ڪري ۽ ڪنهن به لمحي ربّ جي ياد کان غافل نه ٿي. (روح البيان، ق، تحت الآية: 32، 131/9) (4) ”حَفِيْظ“ مان مراد اهو شخص آهي جيڪو الله پاڪ جي امانتن ۽ ان جي حقوق جي حفاظت ڪري.

(5) ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْهُما فرمائن ٿا: ”حَفِيْظ“ مان مراد اهو شخص آهي جيڪو پنهنجي پاڻ کي گناهن کان محفوظ رکي ۽ ان کان استغفار ڪري. (خازن، ق، تحت الآية:32، 178/4)

جنتين جو ٽيون وصف: مَنْ خَشِیَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَیْبِ ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو رحمٰن کان بغير ڏٺي ڊڄو.

آيت ۾ خدا کان خشيت رکڻ جو فرمايو آهي. ”خَشيت“ اهو خوف آهي جيڪو ڪنهن جي عظمت جي ڪري آهي. خَشيت ۽ خوف ۾ فرق آهي. جهنم جي سزا جي ڪري الله پاڪ کان ڊڄڻ خوف چورائيندو آهي. هي ڪيفيت عام ماڻهن ۾ هوندي آهي ۽ خدا جي عظمت کي سامهون رکي ان کان ڊڄڻ ”خشيت“ چورائيندو آهي ۽ هي صفت رباني عالمن ۽ ولين سڳورن جي آهي.

آيت ۾ فرمايو ته رحمٰن کان خشيت رکندا آهن. رحمٰن جي لفظ کان ان طرف اشارو آهي ته الله پاڪ جا ٻانها ان کان ڊڄڻ جي باوجود ان جي رحمت جي اميد رکندا آهن پڻ ٻانهن کي علم آهي ته ربّ جي رحمت تمام وسيع آهي ۽ ٻانهن جي خوف جي باوجود ربّ ڪريم پنهنجي رحمت پنهنجي ٻانهن کان نه روڪيندو ۽ هي ڳالهه به آهي ته ٻانها رب تعالي جي هن ارشاد (نَبِّئْ عِبَادِیْۤ اَنِّیْۤ اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِیْمُ ۝ وَ اَنَّ عَذَابِیْ هُوَ الْعَذَابُ الْاَلِیْمُ ۝) ترجموڪنز العرفان: منهنجي ٻانهن کي خبر ڏيو ته بيشڪ مان ئي بخشڻهار مهربان آهيان. ۽ بيشڪ منهنجو ئي عذاب دردناڪ عذاب آهي. (پ15، الحجر: 49، 50) تي عمل ڪندا آهن يعني اهي خوف ۽ اميد جي وچ ۾ رهندا آهن.

آيت ۾ فرمايو: بنا ڏسڻ جي خدا کان ڊڄندا آهن. ان جون به معنائون آهن، هڪ هي ته مومن پنهنجي ربّ کان ڊڄندو آهي حالانڪ ان پنهنجي ربّ کي ڏٺو ئي ناهي. ٻي معنيٰ هي آهي ته مومن ٻانهو، اڪيلائي ۾ به خدا کان ڊڄندو آهي حالانڪ ان وقت ڪو انسان انکي ڏسي ناهي رهيو هوندو. (قرطبی، ق، تحت الآية:33، جز:17، 17/9) (پ14، الحجر: 49، 50)

**جنتين جو چوٿون وصف: وَ جَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِیْبِ،** رجوع ڪرڻ واري دل سان آيو.

خدا جي حضور رجوع ڪرڻ واري دل سان حاضر ٿيڻ وارا اهي آهن جيڪي الله ۽ رسول جي اطاعت تي توجهه رکندا آهن، مخلص هوندا آهن، خدا جي حرمتن کي جاڻڻ وارا، خدا کان دوستي رکڻ وارا، خدا جي جلال جي سامهون تواضح ڪرڻ وارا ۽ خدا جي خاطر نفس جي خواهش کي ترڪ ڪرڻ وارا هوندا آهن. (قرطبی، ق، تحت الآية: 33،جز:17، 17/9)

قلب منيب، قلب سليم وانگر آهي جيڪو قرآن ۾ فرمايو: (اِذْ جَآءَ رَبَّهٗ بِقَلْبٍ سَلِیْمٍ ۝) (پ23، الصّٰفّٰت: 84) هن مان مراد شرڪ کان

سلامتي آهي ۽ جيڪو شرڪ کان سلامت هجي اهو غير الله کي ڇڏي ڪري ربّ جي طرف رجوع ڪندو آهي تہ اهڙي دل ”قلب منيب“ چورائيندي آهي ۽ جيڪو الله جي طرف رجوع ڪري ۽ شرڪ کان بَري هجي تہ اهڙي دل ”قلب سليم“ آهي. (تفسير ڪبير، ق، تحت الآية: 33، 147/10)

آيت ۾ فرمايو: **اُدْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ** پرهيزگارن کي چيو ويندو جنت ۾ وڃو سلامتي سان، اهو سلام الله پاڪ جي طرفان بانهن تي سلامتي نازل ڪرڻ لاءِ هوندو يا ملائڪن جي طرفان جنتين کي سلام چيو ويندو ۽ اها سلامتي جنت جي نعمتن جي زائل ٿيڻ کان هوندي ۽ ان سلام ۾ سلامتي، سعادت ۽ ڪرامت سڀ داخل هونديون.

آيت ۾ فرمايو: **ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُلُوْدِ**، هي هميشگي جو ڏينهن آهي. آيت ۾ ” **يَوْمُ الْخُلُوْدِ** “ مان بنيادي اسلامي عقيدو بہ واضح ٿي ويو تہ جنت هميشہ رهندي، ڪڏهن فنا نہ ٿيندي ۽ جنتي جنت ۾ هميشہ رهندا ۽ اهوئي عقيدو ڪافرن ۽ جهنم جي باري ۾ آهي تہ جهنم هميشہ رهندو ۽ ڪافر هميشہ جي لاءِ جهنم ۾ رهندا.

**جنت جي نعمتن جي متعلق فرمايو:** لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ فِيْهَا وَ لَدَيْنَا مَزِيْدٌ **جنتين جي لاءِ جنت ۾ اهو سڀ ڪجهہ آهي جيڪي چاهين ۽ اسان وٽ ان کان بہ وڌيڪ آهي.** حضرت اَبوالقاسم قشيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو تہ انهن کي چيو ويندو تہ توهان دنيا ۾ چوندا هئا تہ اهو ئي ٿيندو جيڪو خدا کي منظور آهي، هاڻي جيڪو توهان چاهيندؤ اهو ئي ٿيندو چوتہ نيڪي جو بدلو هونئن ئي نيڪي آهي پڻ آيت ۾ فرمايو ويو تہ جنت ۾ وڌيڪ بہ ملندو.

هي وڌيڪ فضل ۽ نعمت ”ديدار الٰهي“ آهي. بهشت وارا جنت ۾ جمعي جي ڏينهن جمع ٿيندا تہ جيڪو ڪجهہ گهرندا، الله پاڪ کين اهو عطا ڪندو ۽ پنهنجي ديدار سان بہ نوازيندو. جنت ۾ جمعي جو نالو ”يوم المزيد“ آهي (روح البيان،ق،تحت الآية: 35، 132/9)

اهل سنت جو عقيدو هي آهي تہ آخرت ۾ مومنن کي الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيندو ۽ هي ديدار ڪنهن ڪيفيت ۽ جهت جي بغير هوندو.

**دُعا:** الله ڪريم اسان کي جنتين جي وصفن ۽ اخلاقن ۽ اعمالن جي توفيق عطا فرمائي، اسان جي بي حساب بخشش فرمائي ڪري جنت ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد



# دَارُالْاِفْتَاءِ اَهلِسُنَّت

## (1) جماعت ۾ حاضر نہ هوندي امام صاحب کان سجدي جي آيت ٻڌي تہ؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ جيڪڏهن ڪنهن امام صاحب کان سجدي واري آيت ٻڌي ۽ ان وقت هُو نماز ۾ شامل نہ هيو بعد ۾ شامل ٿيو، تہ ڇا ان تي سجده تلاوت واجب ٿيندو يا نہ؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ جنهن امام کان آيتِ سجده ٻڌي ۽ ان وقت هُو نماز ۾ شامل نہ هيو، ان تي سجده تلاوت واجب آهي. سجدو ڪرڻ جي حوالي سان تفصيل اها آهي تہ آيتِ سجده ٻڌڻ کان بعد امام جي سجدو ڪرڻ کان پهريان نماز ۾ شامل ٿيو، تہ امام سان گڏ سجدو ڪري. ۽ جيڪڏهن امام جي سجدو ڪرڻ کان بعد انهيءَ رڪعت ۾ شامل ٿيو جنهن ۾ امام صاحب سجدي واري آيت تلاوت ڪئي هئي، تہ هُو سجدو نہ ڪندو، امام جو سجدو ان جي لاءِ ڪافي آهي، ڇوتہ رڪعت حاصل ڪرڻ سبب اهو سجدي کي حاصل ڪرڻ وارو سڏرائيندو، جيڪڏهن ان رڪعت کان علاوه ڪنهن ٻي رڪعت ۾ شامل ٿيو، تہ نماز کان فارغ ٿيڻ کان بعد سجدو ڪري. ياد رهي جيڪڏهن هُو نماز ۾ شامل ئي نہ ٿئي ها، تڏهن بہ ان تي سجدو ڪرڻ واجب آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

| |
|---|
| جواب: مولانا محمد سرفراز اختر العطاري. |
| تصديق: مفتي فضيل رضا عطاري |

## (2) جوتا پائي نماز جنازا پڙهڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ جوتا پائي ڪري نمازِ جنازه پڙهي سگهون ٿا يا نہ؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جوتا ۽ جوتن جي هيٺان زمين پاڪ هجي، ته جوتا پائي نماز پڙهي سگهون ٿا، جائز آهي، پر انهن مان ڪا ڳالهه رهجي وئي يعني زمين ناپاڪ ٿي يا جوتا ناپاڪ ٿي ويا ته نمازِ جنازه نه ٿيندي. زمين جيڪڏهن پاڪ هجي ۽ ڪا مجبوري به نه هجي، ته مناسب اهو ئي آهي ته جوتا لاهي نمازِ جنازه پڙهو ڇوته استعمال ۾ آيل جوتا پاڪ ئي سهي پر خراب ضرور هوندا آهن. ها جتي زمين جي ناپاڪ هجڻ جو شبو هجي ته احتياط اهو آهي ته جوتا لاهي ان تي پير رکي ڪري جنازي جي نماز پڙهو جو هن صورت ۾ صرف جوتن جو مٿيون حصو پاڪ هجڻ ضروري آهي، جوتن جو ترو(يعني هيٺيون حصو) يا زمين ناپاڪ به هجي ته امام محمد رحمۃ اللہ علیہ جي صحيح ترين قول جي مطابق نماز ٿي ويندي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

| |
|---|
| جواب: مولانا محمد سرفراز اختر العطاري. |
| تصديق: مفتي فضيل رضا عطاري |

### (3) ڇا مقروض (قرضدار) تي به عشر لازم آهي؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته جيڪڏهن زمين جي پيداوار جي ماليت کان وڌيڪ ڪنهن تي قرض هجي ته ڇا ان صورت ۾ به ان تي عشر واجب ٿيندو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

شريعت جي قانون مطابق قرض، عشر واجب هجڻ کان مانع نه آهي، لهٰذا ڪنهن شخص تي ڪيترو ئي قرض هجي، قرض جي رقم عليحده ڪرڻ کان بغير ان تي زمين جي مڪمل پيداوار مان پنهنجي تفصيل جي مطابق عشر يا نصف عشر ڏيڻ لازم آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

| |
|---|
| جواب: مولانا محمد بلال عطاري مدني. |
| تصديق: مفتي فضيل رضا عطاري |

### (4) ميت جا پير غسل ڏيڻ وقت ڪهڙي طرف ڪيا وڃن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته ميت کي غسل ڏيڻ وقت ان جا پير ڪهڙي طرف ڪيا وڃن؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

ڪجھ عالمن سڳورن جي ويجهو ميت کي غسل ڏيڻ وقت ان جا پير قبلي جي طرف ڪيا وڃن جيئن بيماري جي سبب جيڪو بيهي ڪري يا ويهي ڪري نماز نه پڙهي سگهندو هجي، اشاري سان نماز پڙهڻ جي لاءِ هڪ طريقو اهو آهي ته هُو قبلي جي طرف پير ڪندو آهي ۽ ڪجھ عالمن جي ويجهو ميت کي قبر ۾ ليٽائڻ جيان ان کي ليٽايو وڃي جيئن اسان وٽ يعني مٿو اتر طرف ۽ پير ڏکڻ طرف ڪيا ويندا آهن، جڏهن ته صحيح ترين مذهب هي آهي ته ڪنهن خاص طرف ڏي پير ڪرڻ جي ڪا پابندي ناهي، بلڪ جنهن طرف آساني هجي، انهيءَ طرف پير ڪيا وڃن.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

تصديق: مفتي فضيل رضا عطاري

## (5) فصل پچڻ کان پوءِ وڪڻي ڇڏيو ته ڇا عشر لازم ٿيندو؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته فصل تيار ٿي چڪو هيو پر اڃا لاباڙو باقي هيو ته ان کان پهريان ئي مالڪ فصل وڪڻي ڇڏيو، سوال هي آهي ته ان صورت ۾ فصل جو عشر خريدار ادا ڪندو يا وڪڻڻ وارو؟ بيان ڪندا.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

فصل جڏهن ايتري قدر تيار ٿي وڃي جو هاڻي ان جي خراب ٿيڻ، سُڪي وڃڻ جو انديشو نه رهي ته ان تي عشر واجب ٿيندو آهي ۽ جنهن جي مِلڪ ۾ هي حالت پيدا ٿيندي، انهيءَ تي عشر لازم ٿيندو. پڇيل مسئلي ۾ چوته هي حالت بائع(يعني وڪڻڻ واري) جي مِلڪ ۾ پيدا ٿي آهي جو ان فصل پچي وڃڻ کان بعد فروخت ڪيو لهٰذا پڇيل مسئلي ۾ انهيءَ تي عشر لازم آهي، خريدار تي نه.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

جواب: ابوالحسن ذاڪر حسين عطاري مدني.

تصديق: مفتي فضيل رضا عطاري.





مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

# واپار جا احڪام

## (1) رقم صدقو ڪرڻ جي نيت سان سودي بينڪ ۾ سيونگ اڪائونٽ کولڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته اسان ٻڌو آهي ته ڪنوينشنل بينڪ ۾ ڪرنٽ اڪائونٽ کولائي سگهون ٿا. هي ارشاد فرمايو ته جيڪڏهن ڪنوينشنل بينڪ ۾ سيونگ اڪائونٽ هن نيت سان کولرايو وڃي ته جيڪا اضافي رقم حاصل ٿيندي اها صدقو ڪري ڇڏينداسين ته ڇا هي جائز ٿيندو.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: ڪنوينشنل (سودي) بينڪ ۾ سيونگ اڪائونٽ کولائڻ حرام ۽ گناهه آهي ڇوته هن ۾ رکايل رقم قرض جي حڪم ۾ آهي ۽ بينڪ ان قرض تي اڪائونٽ هولڊر کي نفعو ڏيندي آهي ۽ قرض تي نفعو حاصل ڪرڻ کي حديث شريف ۾ واضح طور وياج قرار ڏنو ويو آهي.

حديث شريف ۾ آهي: ”كُلُّ قَرۡضٍ جَرَّ مَنۡفَعَةً فَهُوَ رِبًا“ ترجمو: قرض جي ذريعي جيڪو نفعو حاصل ڪيو وڃي اهو وياج آهي. (ڪنز العمال، جزء6، 99/3،حديث:15512)

جڏهن ڪو شخص سودي بينڪ ۾ سيونگ اڪائونٽ کولرائيندو آهي ته اڪائونٽ کولائڻ وقت ئي ڪجهه نه ڪجهه رقم اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائي ويندي آهي ۽ ان سان گڏ ئي وياج جو معاملو شروع ٿي ويندو آهي حالانڪ وياج جي ڏي وٺ حرام ۽ گناهه آهي ۽ ان تي سخت ترين وعيدون آيون آهن.

جيئن حديث شريف ۾ آهي: ”لعن رسول الله صلى الله تعالى عليه وسلم اكل الربا و موكله و كاتبه و شاهديه وقال هم سواء“ ترجمو: حضور اڪرم صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وياج کائڻ واري، وياج کارائڻ واري ۽ وياجي ڪاغذ لکڻ واري ۽ ان تي گواهه بڻجڻ وارن تي لعنت فرمائي ۽ فرمايو ته اهي سڀئي برابر آهن.

(مسلم ،ص663،حديث:4093)

لٰهذا سُودي (وياجي) بينڪ ۾ اڪائونٽ کولرائڻ هرگز جائز ناهي جيتوڻيڪ اضافي رقم صدقو ڪرڻ جي نيت هجي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

## (2) قسطن تي موبائل خريد ڪري انهيءَ دڪاندار کي روڪ پيسن ۾ وڪڻڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته اسان قسطن تي خريدوفروخت جو ڪم ڪندا آهيون بعض اوقات گراهڪ اچي چوندو آهي ته مون کي قسطن تي موبائل وٺي آهي ۽ پوءِ ان کي اڳتي فروخت ڪرڻي هوندي آهي چوته ڪيس پيسن جي ضرورت هوندي آهي ڇا ايئن گراهڪ کي شيءِ وڪڻي سگهون ٿا جنهن جو مقصد ان کي خريد ڪري استعمال ڪرڻ ناهي بلڪ اڳتي فروخت ڪرڻ آهي.

ٻيو سوال هي آهي ته هن ڪسٽمر کي شيءِ قسطن تي وڪڻڻ کان بعد ڇا دڪاندار ان کان واپس روڪ رقم ۾ گهٽ قيمت تي وٺي سگهي ٿو.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: (1) گراهڪ جڏهن شيءِ خريد ڪري ورتي ته هُو ان جو مالڪ ٿي ويو هاڻي چاهي اها شيءِ اڳتي ڪنهن کي وڪڻي يا تحفي ۾ ڏي يا استعمال ڪري هي ان جي مرضي آهي ان کي اهو اختيار حاصل آهي لهٰذا گراهڪ کي اها شيءِ قسطن ۾ وڪڻڻ جائز آهي ان ۾ حرج ناهي.

واضح رهي ته قسطن تي ڪاروبار ڪرڻ دراصل اوڌر تي خريدوفروخت ڪرڻ جي هڪ قسم آهي جنهن ۾ شيءِ روڪ جي مقابلي ۾ وڌيڪ قيمت تي وڪڻي ويندي آهي ۽ قيمت جي ادائيگي به قسطن جي صورت ۾ هوندي آهي. نقد ۽ اوڌر جي قيمتن ۾ فرق ڪرڻ شرعي طور جائز آهي لهٰذا قسطن تي خريدوفروخت به جائز آهي جڏهن ته سودو ڪندي وقت شيءِ جي قيمت طئي ٿئي ۽ قيمت جي ادائيگي جي مدت به طئي ٿئي.

البته جيڪڏهن هن ڪاروبار ۾ ڪا ناجائز شرط لڳائي ته ان ناجائز شرط جي ڪري اها بيع فاسد ٿي ويندي جيئن هي شرط لڳائڻ ته ”جيڪڏهن قسط وقت تي نه ڏني ته جرمانو ڏيڻو پوندو“ ناجائز شرط آهي چوته شريعت ۾ مالي جرمانو جائز ناهي، لهٰذا ان فاسد شرط جي سبب بيع فاسد ٿيندي. جنهن جو فسخ ڪرڻ عاقدين تي واجب ٿيندو، جيڪڏهن فسخ نه ڪن ته گنهگار ٿيندا.

(2) جڏهن ڪسٽمر خريديل شيءِ جي قيمت مڪمل طور تي ادا نه ڪئي ته دڪاندار جو اها ئي شيءِ ڪسٽمر کان گهٽ قيمت ۾ خريد ڪرڻ جائز ناهي. لهٰذا پڇيل صورت ۾ چوته دڪاندار موبائل قسطن تي وڪڻي آهي ۽ اڃا ان موبائل جي مڪمل قيمت ادا ناهي ٿي لهٰذا دڪاندار جنهن قيمت ۾ وڪڻي آهي ان کان گهٽ قيمت ۾ ڪسٽمر کان اها موبائل روڪ رقم ۾ به واپس نٿو خريدي سگهي. ها جيڪڏهن ان ۾ ڪو نقص پيدا ٿي ويو ته پوءِ گهٽ قيمت ۾ به خريد ڪري سگهي ٿو.

صدرالشريعه مفتي امجد علي اعظمي رَحمَۃُ اللہِ علَیہ لکن ٿا: ”جنهن شيءِ کي وڪڻي ڇڏيو ۽ اجا ان شيءِ جا پيسا وصول نہ ٿيا آهن تہ ان کي مشتري يعني خريدار کان گهٽ قيمت ۾ خريدڻ جائز نہ آهي جيتوڻيڪ ان وقت ان جي قيمت گهٽ ٿي وئي هجي.“

وڌيڪ لکن ٿا: ” گهٽ پيسن ۾ خريدڻ ان وقت ناجائز آهي جڏهن تہ ثمن انهيءَ جنس جو هجي ۽ مبيع ۾ ڪو نقصان پيدا نہ ٿيو هجي ۽ جيڪڏهن ثمن ٻي جنس جو هجي يا مبيع ۾ نقصان ٿيو هجي تہ مطلقاً بيع جائز آهي.

(بہارِ شریعت،708/2)

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (3) زمين بلڊر جي ملڪيت ۾ نہ هجي تہ پلاٽ يا فليٽ جي بڪنگ ڪرائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ بلڊر وٽ جڏهن اسان پلاٽ يا فليٽ جي بڪنگ ڪرائيندا آهيون تہ بعض اوقات جڳهہ ان جي ملڪيت ۾ ناهي هوندي تہ ڇا اهڙي بڪنگ ڪرائي سگهون ٿا؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: پڇيل صورت ۾ فليٽ جي بڪنگ ڪرائڻ تہ جائز آهي ڇوتہ هي بيع استصناع آهي يعني هن ۾ آڊر تي شيءِ تيار ڪري ڏيڻ پاتو وڃي ٿو لهٰذا ان ۾ ڪو حرج ناهي.

پر قانوني طور تي بلڊر جي لاءِ جيڪڏهن هي ضروري هجي تہ اهو پلاٽ مالڪ بڻجڻ کان پهريان پروجيڪٽ جو اعلان نٿو ڪري سگهي تہ اهڙي صورت ۾ بلڊر کي قانوني پابندي ڪرڻ ضروري آهي.

واضح رهي تہ هي مسئلو بڪ ڪرائڻ جو آهي ڇوتہ ان ۾ ميڪنگ جو عمل پاتو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري هي رعايت موجود آهي تہ فليٽ جو ان وقت موجود هجڻ ضروري ناهي بلڪ ٺاهي ڪري ڏنا ويندا. پر پلاٽ جي خريدوفروخت جو مسئلو اُن کان جدا آهي جو پلاٽ خريدڻ وقت هي ڏسڻ ضروري آهي تہ اهو پلاٽ وڪڻڻ واري جي ملڪيت ۾ هجي ۽ اهو اوهان جي پلاٽ جي چارئي حدن کي متعين ڪري ڏي تہ هي اوهان جو پلاٽ آهي. يعني نقشي ۾ پلاٽ نمبر، گهٽي نمبر، فيز/ ڪالوني/سيڪٽر وغيره سيئي شيون متعين هجن ۽ ڳالهہ نقشي تائين محدود نہ هجي، بلڪ حقيقت ۾ بہ انهيءَ طرح هجي تہ جيڪڏهن اوهان پلاٽ وٽ بيهي ڏسڻ چاهيو، تہ اوهان اُتي بيهي ڪري معلوم ڪري سگهو ٿا تہ هي پلاٽ اوهان خريد ڪري رهيا آهيو.

پر جيڪڏهن پلاٽ بلڊر جي ملڪيت ئي ۾ نہ هجي يا خريد ڪرڻ وقت معلوم ئي ناهي تہ ڪهڙو پلاٽ خريد ڪيو آهي تہ هي صورت جائز ناهي.

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

## چا پِيرُ بہ محرم هوندو آهي؟

سوال: چا پِيرُ محرم هوندو آهي؟

جواب: پِيرُ محرم بہ ٿي سگهي ٿو جيئن پيءُ پيري مُريدي ڪندو آهي ۽ ڏيءُ ان جي مُريدياڻي آهي تہ هي ڏيءُ جو محرم آهي. جيڪڏهن ڪو ٻيو پير آهي جيڪو نامحرم آهي تہ اهو نامحرم ئي رهندو يعني صرف پير هئڻ ان کي محرم نہ بڻائي ڇڏيندو. عورت پنهنجي نامحرم پير جا هٿ نٿي چُمي سگهي ۽ نہ ئي ان کان پنهنجي مٿي تي هٿ گهمرائي سگهي ٿي. (مدنی مذاکرہ، 7صفر شریف 1441ھ)

## ”شَيْـئًا لِلّٰهِ يَا عَبْدَ الْقَادِرِ“ جو مطلب

سوال: هن شعر جو مطلب ٻڌائيندا:

شَيْـئًا لِلّٰهِ يَا عَبْدَ الْقَادِرِ
سَاكِنَ الْبَغْدَادِ يَا شَيْخَ الْجِيْلَانِ

جواب: هن جو مطلب هي آهي تہ اي بغداد شريف جا رهاڪو بزرگ شيخ عبدُ القادر جيلاني! الله جي واسطي مون کي ڪجهه عطا فرمايو. (مدنی مذاکرہ، 7ربیع الآخر شریف 1441ھ)

## بي هوش مريض جي عيادت ڪيئن ڪئي وڃي؟

سوال: ڪو مريض بي هوش هجي، ان جي عيادت ڪيئن ڪئي وڃي؟

جواب: وڃي ڪري ان کي ڏسو ان جي لاءِ دعا ڪيو ۽ ان جي رشتيدارن کي تسلي ڏيو. جيتوڻيڪ بي هوشي جي ڪري اوهان مريض کان عيادت نٿا ڪري سگهو پر مريض جي ويجهو تہ وڃي سگهو ٿا، ائين ئي انهن جي عزيزن سان همدردي بہ ڪري سگهو ٿا جو ان جي بي هوشي جي وجهہ سان گهڻو پريشان هوندا. غم خواري ضرور ڪرڻ گهرجي. (مدنی مذاکرہ، 13صفر شریف 1441ھ)

## چا غوثِ اعظم، امام اعظم کان پهريان جا بزرگ آهن؟

سوال: چا حضور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زماني کان پهريان جا آهن؟

جواب: نہ، امام اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (تاريخ وفات: 2 شعبان شريف 150ھ) پهريان جا آهن ۽ حضور غوثِ پاڪ شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (تاريخ وفات: 11 ربيعُ الآخر شريف 561ھ) بعد جا آهن. (مدنی مذاکره، 7ربيع الآخر شريف 1441ھ)

## پير صاحب کي پنهنجو عمل ٻڌائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ڪو مُريد پنهنجو عمل پير صاحب کي ٻڌائي سگهي ٿو؟

جواب: جيڪڏهن ان ڪري پنهنجو عمل ٻڌائي ٿو ته منهنجي ڪا ڪوتاهي يا غلطي هجي ته پير صاحب اصلاح ڪن، يا منهنجي رهنمائي ڪن ته ”هن جي بدلي هي عمل ڪر ۽ هُن جي بدلي هو عمل ڪر“ ته هيءَ سُٺي نيّت آهي، اهڙي صورت ۾ پير صاحب کي ٻڌائي سگهي ٿو. البت جيڪڏهن هيءَ نيّت هجي ته ”پير صاحب جي دل ۾ مقام ٻڻجي وڃي، عزّت ٿئي، اهي مون کي نيڪ سمجهن“ ته هن صورت ۾ نہ ٻڌايو. (مدنی مذاکره، 2ربيع الاول شريف 1441ھ)

## ڇا هٿ ۾ ڪارو ڌاڳو ٻڌي سگهون ٿا؟

سوال: ڇا هٿ ۾ ڪارو ڌاڳو ٻڌي سگهون ٿا؟ ۽ هن مان غير مُسلمن سان مشابهت ته نہ ٿيندي؟

جواب: اسان جي تعويذات جي بستي تي ڪارو ڌاڳو ڏنو ويندو آهي جيڪو سور جي لاءِ پڙهيو ويندو آهي ۽ هٿ وغيره ۾ جتي سور هوندو آهي اتي ٻڌو ويندو آهي تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن کي ڪارو ڌاڳو ٻڌل آهي ته ان جي هٿ ۾ سور هوندو ان ڪري ٻڌو هوندائين. ان سان ڪنهن غير مُسلم جي مشابهت نہ ناهي جو ڪارو ڌاڳو هٿ ۾ هجي ته ڪنهن غير مُسلم جي نقل ٻڻجي وڃي. ها! اسٽيل جو هڪ مخصوص ڪڙو آهي جيڪو غير مُسلمن جو هڪ طبقو پائيندو آهي، جيڪڏهن اهو پائيندؤ ته انهن جي مشابهت ٿي ويندي. (مدنی مذاکره، 20صفر شريف 1441ھ)

## زال يا مڙس نامحرم جي چڪر ۾ پئجي وڃن ته ٻيو ڇا ڪري؟

سوال: اسان وٽ سوشل ميڊيا جي اچڻ ڪان بعد گهر ٽٽڻ جي واقعن ۾ اضافو ٿيو آهي. هي ارشاد فرمايو ته جيڪڏهن ڪنهن مڙس کي خبر پوي ته ان جي گهرواري ڪنهن غير مرد جي چڪر ۾ پئجي وئي آهي، يا گهرواريءَ کي خبر پوي ته ان جي مڙس جا غير عورت سان تعلقات آهن ته انهن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: گهرواريءَ جو ڪنهن غير مرد (يعني نامحرم مرد) سان يا مڙس جو ڪنهن غير عورت (يعني نامحرم عورت) سان تعلقات قائم ڪرڻ حرام ۽ ناجائز آهي، جيڪڏهن ائين هجڻ Confirm ٿي وڃي ته جيڪو ان ۾ مبتلا هجي ان کي نرميءَ سان سمجهايو وڃي، حديثون مبارڪ ياد هجن ته اهي

ٻڌايون وڃن، خوفِ خُدا جي ترغيب ڏياري وڃي ۽ گڏو گڏ انهن اسبابن تي بہ غور ڪيو وڃي جنهن جي وجهہ سان هي سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو. جهڙوڪ مڙس جو باربار جهيڙو ڪرڻ، پَڪي نند مان اٿاري ڪري ڪپڙا استري ڪرڻ جو چوڻ، گهرواريءَ کي پيرن جي جوتي (يعني حقير ۽ ذليل) سمجهڻ وغيره. ائين ئي گهرواريءَ جو هر وقت منهن سڄائي رکڻ. مڙس جي گهر ايندي ئي ٻارن جي شڪايتن جو ڍير لڳائي ڇڏڻ، فرمائشن جي فهرست (List) ڏيندي رهڻ، ننڍين ننڍين ڳالهين تي شڪوه شڪايت ڪندي رهڻ، ڳالهہ ڳالهہ تي وڙهندي رهڻ وغيره. هي اهي شيون آهن جنهن جي وجهہ سان مڙس يا گهرواري ٻئي پاسي مائل ٿي سگهن ٿا، حالانڪ ائين نہ هئڻ گهرجي، پر شيطان جي وجهہ سان انسان ڀَٽڪي ويندو آهي. اهڙي صورت جو حل طلاق ناهي، ان جو حل هي آهي تہ ٻئي جي جائز ضرورت (Requirement) پوري ڪئي وڃي، ان سان محبت ڀريو ورتاءُ ڪيو وڃي، بلڪ محبت جي خوراڪ (Dose) وڌائي وڃي جو عام طور جنهن دوا مان فائدو نہ ٿي رهيو هجي ان جي مقدار وڌائي ويندي آهي. هي گهر هلائڻ جو بهترين طريقو آهي، هن طرح گهرَ ٽُٽڻ جو شڪار ٿيڻ کان محفوظ رهندا آهن.
(مدنی مذاکره، 2ربيع الاول شريف 1441ھ)

## عمامي شريف کي پڳڙي چوڻ ڪيئن؟

سوال: ڪجهہ ماڻهو عمامي کي پڳڙي چوندا آهن، هن باري ۾ ڇا حڪم آهي؟
جواب: عمامي شريف کي پڳڙي چوندا آهن ۽ ان کي پڳ ۽ صافو بہ چوندا آهن هن کان علاوه بہ ڪيئي نالا آهن. بهرحال توهين جي نيّت نہ هجي تہ ڪو حرج ناهي، ظاهر آهي ڪو مسلمان توهين جي نيّت سان ائين نہ ٿو چئي سگهي! (مدنی مذاکره، بعد نمازِ عصر، 20رمضان شريف 1441ھ)

## ڇا مرچ کائڻ سان زبان سنهي ٿيندي آهي؟

سوال: ماڻهو چوندا آهن مرچ کائڻ سان زبان سنهي ٿيندي آهي ۽ پڙهڻ ايندو آهي ڇا هيءَ ڳالهہ درست آهي.
جواب: مرچ کائڻ سان زبان سنهي ٿيندي آهي يا پڙهڻ اچي ويندو آهي مون ڪڏهن اهڙو پڙهيو، ٻڌو ناهي، البت طبي تحقيق جي مطابق ساين مرچون کائڻ سان قُوتِ مدافعت (Immunity) ۾ اضافو ٿيندو آهي يعني بيماري کان مقابلو ڪرڻ جي قوت وڌي ويندي آهي. ساين مرچون بہ گهٽيون نہ کاڌيون وڃن جو ان سان معدي کي نقصان ٿي سگهي ٿو. (مدنی مذاکره، 26ربيع الاوّل 1441ھ)



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مفتي فضيل رضا عطاري

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته (1) ڇا دنيا جا زال مڙس جنت ۾ به گڏ هوندا؟ (2) مطلقہ عورت جنت ۾ ڪنهن سان گڏ رهندي؟

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

(1) جيڪي دنيا ۾ زال مڙس هئا، جنت ۾ به گڏ رهندا شرط اها آهي ته اهي ٻئي جنتي هجن ۽ زال، مڙس جي مرڻ کان بعد ڪنهن ٻي سان نڪاح نہ ڪيو هجي. سيّدي اعلي حضرت امام احمدرضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فتاويٰ رضويہ شريف ۾ حديث پاڪ لکن ٿا: ”قالت أم سلمة بلغنى أنه ليس امرأة يموت زوجها وهو من أهل الجنة وهى من أهل الجنة ثم لم تزوج بعده إلا جمع الله بينهما فى الجنة “ يعني اُمّ المومنين حضرت ام سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا فرمايو ته مون تائين هيءَ خبر پهتي آهي ته جنهن عورت جو مڙس مري وڃي ۽ مرد ۽ عورت ٻئي جنتي هجن پوءِ عورت ڪنهن ٻي سان شادي نہ ڪري ته الله تعاليٰ انهن ٻنهي کي جنت ۾ جمع فرمائيندو.“ (فتاوىٰ رضويہ، 303/12) ۽ هڪ ٻي مقام تي فرمائن ٿا: عورت جيڪر ٻيو نڪاح نہ ڪري ته قيامت جي ڏينهن پنهنجي مڙس کي ملندي جڏهن ته ٻنهي ايمان تي وفات ماڻي هجي. (فتاوىٰ رضويہ،579/25)

عورت جا جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ نڪاح ٿيا هجن ته ان جون ٻہ صورتون آهن.

(1) عورت جنهن جي نڪاح ۾ وفات ڪندي انهيءَ سان گڏ جنت ۾ هوندي بشرط ٻئي جنتي هجن جيئن ته حديث پاڪ ۾ آهي: ’وعن سعيد بن المسيب أنه قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم حين سئل عن المرأة يكون لها الزوجان فى الدنيا لأيهما تكون فى الآخرة؟ فقال المرأة للأخير يعني حضرت سعيد بن المسيب رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان جڏهن پڇيو ويو ته هڪ عورت جا جيڪڏهن دنيا ۾ ٻہ نڪاح ٿيا ته اها آخرت ۾ ڪنهن سان گڏ رهندي؟ نبيّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: عورت آخري مڙس جي لاءِ آهي.“

(أدب النساء الموسوم بكتاب العناية والنهاية، ص272)

امام اهل سنت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فتاويٰ رضويہ شريف ۾ فرمائن ٿا: ”عورت جيڪڏهن ٻيو نڪاح ڪري ۽ ان جي نڪاح ۾ وفات ڪري وڃي ته ان ٻئي کي ايمان جي شرط سان ملندي كما فى الحديث.“ (فتاوىٰ رضويہ،579/25)

(2) جيڪا عورت وفات وقت ڪنهن جي نڪاح ۾ نہ هجي تہ جنت ۾ ان کي اختيار ڏنو ويندو تہ انهن مڙسن مان جنهن کي چاهي پسند ڪري جيئن تہ حديث شريف ۾ آهي: عن ام سلمة رضی اللہ عنها قلت يا رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم المراة تزوج الزوجين والثلاثة والاربعة فی الدنيا ثم تموت فتدخل الجنة ويدخلون معها من يكون زوجها منهم؟ قال صلی اللہ علیہ وسلم انها تخير فتختار احسنهم خلقافتقول يارب ان هذا كان احسنهم خلقا فی دار الدنيافزوجنيہيعني امّ المومنين حضرت سيدتنا ام سلمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا روايت ڪن ٿيون تہ مون عرض ڪيو: يارسول اللہ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪجھ عورتون دنيا ۾ ٻہ، ٽي يا چار مڙسن کان (هڪٻئي پٺيان) شادي ڪن ٿيون پوءِ مرڻ کان بعد اهي جنت ۾ گڏ هجن تہ اها عورت ڪهڙي مڙس جي لاءِ هوندي؟ ارشاد فرمايائون: ان کي اختيار ڏنو ويندو ۽ جنهن مڙس جو اخلاق دنيا ۾ سڀني کان چڱو هوندو اها ان کي اختيار ڪندي اها چوندي اي منهنجا ربّ منهنجي هن مڙس جو اخلاق دنيا ۾ سڀني کان چڱو هيو لھٰذا هن سان منهنجو نڪاح فرمائي ڇڏ.“ (فتاوی حديثيہ،49/1)

امام اهل سنت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فتاويٰ رضويہ ۾ فرمائن ٿا: ”مطلب (عورت) ڪنهن مڙس جي نڪاح ۾ نہ مري تہ ان کي قيامت جي ڏينهن اختيار ڏنو ويندو تہ انهن مڙسن مان جنهن کي چاهي پسند ڪري ۽ اها ان کي پسند ڪندي جيڪو ان سان سٺي طريقي سان معاملات ڪندو هيو.“

(فتاوی رضويہ، 579/25)

(2) مطلقہ جنهن هڪ ڀيرو ئي نڪاح ڪيو يا ڪنواري يا ان جو مڙس جنتي نہ هوندو تہ اهڙي جنتي عورت جو نڪاح جنتي مرد سان ڪيو ويندو. جيئن تہ مسلم شريف جي حديث شريف آهي: ”ما فی الجنة اعزب يعني جنت ۾ ڪو غيرشادي شده نہ هوندو.“

(مسلم،ص1164،حديث:7147)

وَاللہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

# اُسوه حَسَنہ (سٺي اخلاق) جي ضرورت ۽ اهميت

مؤلف شهروز علي عطاري

هن دنيا ۾ هر ماڻهو جيڪو ڪنهن نه ڪنهن شعبي ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ٿيڻ چاهي ٿو، اهو پنهنجي متعلق شعبي سان لاڳاپيل بهتر کان بهترين افراد کي ڳولهيندو آهي ۽ ان کي پنهنجو آئيڊيل بڻائيندو آهي. ته جيئن جهڙي طرح هو ڪامياب ٿيو، تيئن هي به ڪامياب ٿي. مثال طور ڪنهن شخص جي اسپيڪنگ (گفتگو) تمام سٺي هوندي آهي، ماڻهو ان کي ٻڌڻ پسند ڪندا آهن يا ڪو شخص بهترين ليکڪ آهي، ان جون تحريرون سڄي دنيا ۾ پڙهيون وڃن ٿيون. ته جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي اسپيڪنگ (گفتگو) بهتر ڪرڻي آهي يا سٺو ليکڪ ٿيڻو هجي ته هُو ان کي فالو ڪندو ته جيئن اهو به هڪ سٺو ڳالهائڻ وارو يا سٺو لکڻ وارو بڻجي وڃي.

قرآن شريف ۾ به الله پاڪ مسلمانن جي لاءِ زندگي گذارڻ جو هڪ اجمالي ۽ اصولي نقشو پيش ڪيو ۽ هڪ نمونو (آئيڊيل) بڻائي ڪري حڪم ڏنو ته زندگي جي نقشي ۾ هن نموني (آئيڊيل) جي مطابق رنگ ڀرڻو آهي. ان جي زندگي جي طرز تي عمل ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي اعتبار سان ئي انسان ڪاميابي يا ناڪامي جو حقدار ٿيندو. الله پاڪ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو: لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ توهان جي لاءِ رسول الله جي پيروي بهتر آهي. ( پ 21، الاحزاب:21)

حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ سندن پيروي زندگي جي هر موڙ تي ۽ دين ۽ دنيا جي هر ڳالھ ۽ هر ڪم ۾ ايتري اهميت رکي ٿي جو ان جي بغير الله پاڪ جي اطاعت ممڪن ناهي. الله پاڪ فرمائي ٿو: مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ترجموڪنزالعرفان: جنهن



رسول جو حڪم مڃيو بيشڪ ان الله جو حڪم مڃيو. (پ5،النساء: 80)

انهيءَ طرح نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي زندگي جو جيڪو عملي نمونو پيش ڪيو جيڪڏهن اهو اسان جي سامهون نه هجي ته الله پاڪ جي عبادت ۽ ان جي احڪام جي بجاآوري به ممڪن ناهي.

مثال طور الله پاڪ فرمائي ٿو: وَاَقِیْمُوا الصَّلٰوۃَ ترجموڪنزالعرفان: ۽ نماز قائم ڪيو. (پ1،البقرة:43) الله پاڪ حڪم فرمائي ڇڏيو پر ان حڪم جي تڪميل ڪهڙي طرح ٿيندي، ان جي تفصيل قرآن پاڪ ۾ ناهي. ان جي تفصيل حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي زندگي مان ملي ٿي، پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: صَلُّوا كَمَا رَأَيْتُمُونِي أُصَلِّي يعني ايئن نماز پڙهو جيئن مون کي پڙهندي ڏسو ٿا. (بخاری،1/228، حديث:631مختصراً) اهڙي طرح الله پاڪ فرمائي ٿو: وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ الله جي لاءِ ماڻهن تي ان گهر جو حج ڪرڻ آهي.(پ 4، اٰلِ عمرٰن:97) پر حج ڪڏهن فرض ٿيندو، ڪهڙي طرح ادا ڪرڻو آهي، ان جي سڄي تفصيل حضور جي مبارڪ زندگي مان ملي ٿي. انهيءَ ڪري پاڻ فرمايائون: خُذُوا عَنِّي مَنَاسِكَكُمْ يعني پنهنجي حج جا افعال مون کان سکو. (سنن کبریٰ للبیہقی، 5/ 204، حديث: 9524 مختصراً)

محترم اسلامي ڀائرو! مذڪوره آيتن مان واضح ٿئي ٿو ته اسان کي زندگي جي تمام معاملن ۾ حضور نبي رحمت صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرت مبارڪ ڄاڻڻ ۽ ان جي مطابق زندگي گذارڻ جي ضرورت آهي.

زندگي جي معاملن جو تعلق چاهي دين سان هجي يا عام زندگي سان هرصورت ۾ هي ڄاڻڻ گهرجي ته ڪهڙي عمل ۾ ۽ ڪهڙي ڪهڙي طبقي جي افراد سان رسول ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو انداز مبارڪ ڇا هيو..؟ سندن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنْہُم کان ڪهڙو انداز اختيار فرمايو ۽ صحابيات سان ڪهڙو انداز هيو؟ اولاد سان ڪهڙو رويو هيو ۽ پاڪيزه گهر وارين سان ڪهڙو انداز هيو؟

مطلب هر طبقي رشتي سان وابسته افراد کي هي ڄاڻڻ ضروري آهي ته رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو اُن طبقي يا رشتي سان ڪهڙو رويو هو؟





ابو فراز
محمد اعجاز نواز
عطاري مدني

# حضور غوث پاڪ جي
## سيرَت ۽ عادتون ۽ اسان جي عملي زندگي

حضُور غوث پاڪ، پيران پير شيخ عبدالقادر جيلاني رَحمۃُ اللہِ علیہ اولياءِ ڪرام جا سردار ۽ الله پاڪ جا نهايت ئي نيڪ پرهيزگار ٻانها هئا، الله وارن جي سيرت جو مطالعو ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ برڪت جو سبب ۽ نجات جو ذريعو آهي، ظاهري ۽ باطني بيمارين جو مؤثر علاج آهي، علامه نورالدين علي بن يوسف شطنوفي رَحمۃُ اللہِ علیہ جي حضُور غوث پاڪ رَحمۃُ اللہِ علیہ جي سيرت تي سڀ کان مستند ڪتاب"بهجة الاسرار" ۽ محمد بن يحيي تاذفي حنبلي رَحمۃُ اللہِ علیہ جي ڪتاب "قلائد الجواهر" مان سيرت غوث پاڪ جون ڪجھ بنيادي جهلڪيون ۽ اسان جي عملي زندگي جو مختصر جائزو پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو:

**غوث پاڪ والدين جا فرمانبردار هئا**

اڄڪلھ نہ اسان پنهنجي والدين جا فرمانبردار آهيون ۽ نہ ئي اسان جا ٻار فرمانبردار آهن، هر شخص جو اهو ئي روئڻ آهي تہ اولاد چوڻ نٿي ڪري، ٻار پنهنجي مرضي هلائن ٿا، ان جو هڪ وڏو سبب بُري صحبت بہ آهي، پاڻ بہ ۽ پنهنجي ٻارن کي بہ چڱي صحبت ڏيو، ان شاءالله فرمانبردار ٿي ويندا.

**حضُور غوث پاڪ رَحمۃُ اللہِ علیہ ننڍپڻ کان ئي علم دين حاصل ڪيو:**

قرآن و حديث ۾ علم جي وڏي اهميت بيان ڪئي وئي آهي، اڄڪلھ ڪيئي ماڻهن معاشي بحران جي ڪري پاڻ بہ علم حاصل ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ پنهنجي ٻارن کي بہ ڪمائي تي لڳائي ڇڏيو آهي، حالانڪ ديني علوم جي حصول سان شعور ملي ٿو، معاشي بحران پري ٿئي ٿو، الله پاڪ جي رحمت تي ڀروسو ڪيو ۽ خاص ڪري فرض علوم ۽ عام طور ٻيا ديني علوم ضرور حاصل ڪيو.

**حضُور غوث پاڪ رَحمۃُ اللہِ علیہ هميشہ سچ ڳالهايو ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو:**

ڪوڙ اسان جي سماج ۾ تيزي سان پکڙجندڙ بيماري آهي، هن بيماريءَ محبت، رواداري، مُروت، اخلاق ۽ تميز کي تباھ ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن تہ سچ اعتماد قائم ڪرڻ، محبتون پيدا ڪرڻ، بداخلاقي کي پري ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو، ڪوڙ کان بچڻ ۽ هميشہ سچ ڳالهائڻ گهرجي.

**حضُور غوث پاڪ رَحمۃُ اللہِ علیہ الله کان ڊڄندا هئا:**

الله پاڪ جو خوف تمام گناهن کان

بچڻ جو سبب آهي، الله پاڪ جو خوف نہ هجي تہ ٻانهو ظاهري ۽ باطني گناهن ۽ بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي جيڪي دنيا ۽ آخرت جي بربادي جو سبب آهن، ديني ۽ دنياوي هر معاملي ۾ هميشہ الله پاڪ جي غضب ۽ جلال کان ڊڄندو رهڻ گهرجي.

**حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه الله پاڪ جي خوف سبب روئندا هئا:**

خدا جي خوف کان روئڻ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي سُنت ۽ تمام وڏي نعمت آهي، جنهن کي اها نعمت ملي وڃي ان کي عبادت جي لذت نصيب ٿي ويندي آهي، خدا جي خوف کان روئڻ وقت اکين مان نڪرڻ وارو ڳوڙهو الله پاڪ کي ڏاڍو پسند آهي، خدا جي خوف کان روئڻ دل جي نرمي جو سبب آهي جيڪو معاشرتي برائين کي ختم ڪرڻ جو وڏو سبب آهي.

**حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هميشہ باوضو رهندا هئا:**

هميشہ يا اڪثر اوقات باوضو رهڻ ڪثير ديني ۽ دنياوي فائدن جو سبب آهي، جڏهن ٻانهو باوضو هوندو تہ فرائض سان گڏ نفل بہ آساني سان ادا ڪري وٺندو، باوضو شخص تلاوتِ قرآن جي سعادت حاصل ڪري سگهي ٿو، ان جي نيڪين جو ميٽر هلندو رهندو آهي، جيستائين ممڪن هجي باوضو رهڻ گهرجي.

**حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪثرت سان نفل پڙهندا هئا:**

احاديث ۾ فرضن کان نوافل جي ڪثرت کي الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ جو وڏو ذريعو قرار ڏنو ويو آهي، اڄڪلهہ ماڻهن جي هڪ تعداد آهي جيڪي نوافل تہ رهيو فرائض جي ادائيگي ۾ بہ تمام گهڻي ڪوتاهي ڪندا آهن، نوافل ادا ڪرڻ وارن کي فرضن جي ادائيگي ۾ استقامت نصيب ٿيندي آهي، لهٰذا فرضن جي ادائيگي سان گڏ نوافل بہ ادا ڪيو.

**حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ رات ۾ قرآن جو ختمو ڪڍي وٺندا هئا:**

قرآن ڪريم هدايت وارو ڪتاب آهي، قرآن کي ڏسڻ چُهڻ ۽ ان جي تلاوت ڪرڻ بہ ثواب جو ڪم آهي، اڄ اسان جي حالت اها آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪيترائي مهينا گذري ويندا آهن پر قرآن کولي ڪري ناهيون ڏسندا ۽ پوءِ شڪايت ڪندا آهيون تہ اسان جون پريشانيون ختم ئي نٿيون ٿين، قرآن الله پاڪ جو ڪلام آهي ۽ الله جي ڪلام جي تلاوت پريشانين جي خاتمي ۽ دل جي سڪون جو سبب آهي، لهٰذا روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ قرآن جي تلاوت جو معمول ضرور بڻايو.

**حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سٺن اخلاقن وارا هئا، بري اخلاق وارا نہ هئا:**

حسنِ اخلاق محبت ۽ بداخلاقي نفرت جو باعث آهي، بداخلاقي بہ اسان جي معاشري جو ناسور آهي، ڪجهہ ماڻهو ننڍي وڏي جو فرق ختم ڪري نهايت بداخلاقي وارو انداز اختيار ڪندا آهن، بداخلاق شخص کان هر ماڻهو نفرت ڪندو آهي، ماڻهو ڳالهائڻ بہ پسند ناهن ڪندا، بداخلاقي جو صرف نقصان آهي ڪو فائدو ناهي، لهٰذا هميشہ خوش اخلاقي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

**حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بُرين ڳالهين کان هميشہ پري رهندا هئا:**

اڄڪلھ سماج ۾ گاريون ڏيڻ ۽ بري گفتگو ڪرڻ عام ٿي ويو آهي، ڳالھ ڳالھ تي ماڻھو ھڪٻئي کي گاريون ڏيندا نظر اچن ٿا، هن جو بنيادي سبب گارين سان ڀرپور فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ خراب ماڻھن جي صحبت اختيار ڪرڻ آهي، اسلام ۾ گارين ۽ فحش ۽ گندي گفتگو جي سخت مذمت ڪئي وئي آهي ۽ ان کان بچڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. پاڻ کي ۽ پنھنجي ٻچن کي بُري صحبت کان بچايو.

**حضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه ذاتي دشمني جو انتقام نہ وٺندا هئا**

الله ۽ رسول جي دشمن کي معاف ڪرڻ جو ٻانھي کي اختيار ناهي پر ذاتي دشمن کي معاف ڪرڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي ۽ قرآن ۽ حديث ۾ ان جي وڏي ترغيب ڏياري وئي آهي، پر افسوس اڄ اسان جي معاشري ۾ ننڍين ننڍين ڳالھين تي ايترو تہ سخت انتقام ورتو ويندو آهي جو خاندان جا خاندان اُجڙي ويندا آهن، پوءِ هيءُ انتقام نسل در نسل دشمنين ۾ تبديل ٿي ويندا آهن، حالانڪ معاف ڪرڻ کي سيني کان بھترين انتقام قرار ڏنو ويو آهي.

**حضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه سوالي کي ڇڙٻ نہ ڏيندا هئا**

واضح طور قرآنِ ڪريم ۾ سوال ڪندڙ کي ڇڙٻ ڏيڻ کان سختي سان منع ڪيو ويو آهي غوث پاڪ قرآن جي تعليمات تي عمل ڪندڙ هئا. پر ڪيئي ماڻھو استطاعت جي باوجود حقدار سوالي کي نہ ڏيندا هئا بلڪ انھن کي سختي سان جھڻڪي ڇڏيندا آهن، ڪجھ تہ تشدد جو نشانو بہ بڻائيندا آهن، اهڙن ماڻھن کي سيرت غوث پاڪ تي عمل ڪرڻ گھرجي، جيڪڏهن ڪجھ ڏئي سگھو ٿا تہ مرحبا نہ تہ سوالي کي ڇڙٻ نہ ڏيو.

**حضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه ننڍن تي شفقت فرمائيندا هئا، وڏن جي تعظيم ڪندا هئا:** ننڍن تي شفقت ۽ وڏن جي تعظيم ڪرڻ پُرامن سماج جو هڪ بھترين اصول آهي، پر ڪيئي ماڻھو ٻارن کي هروڀرو ڌڙڪا ڏيندا رهندا آهن، هر ڳالھ تي ٽوڪيندا آهن، جنھن سان ٻار دلير ۽ بي باڪ ٿي ويندا آهن حالانڪ نرمي سان سمجھائڻ نھايت فائديمند آهي، وڏن جي تعظيم ۾ وڏي برڪت آهي، جيڪڏهن انھن کان ڪا غلطي ٿي بہ وڃي تہ سھڻي انداز سان سمجھائڻ گھرجي پر ڪجھ ماڻھو انھن کي بہ ڀري مجلس ۾ ڌڙڪا ڏيندا آهن.

**حضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه ننڍن وڏن کي سلام ڪندا هئا**

سلام ڪرڻ سان محبت وڌندي ۽ نفرت ختم ٿيندي آهي، واقف ۽ اجنبي سيني کي سلام ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي پر اسان جي معاشري ۾ هاڻي سلام جھڙي پياري سنت ختم ٿيندي پئي وڃي، جڏهن ڪنھن ۾ ڪم پئي تہ سلام دعا ڪندا آهن هونئن هُو پرسان بہ گذري وڃن تہ سلام ڪرڻ پسند ناهن ڪندا ۽ ڪنھن کان ناراضي ٿي وڃي تہ پوءِ ان جي طرف ڏسڻ بہ پسند ناهن ڪندا حالانڪ سلام ناراضگي ۽ دل

جي نفرت کي ختم ڪندو آهي.

**حضُور غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِ عيبن جي پرده پوشي ڪندا هئا:**

اڄ اسان وٽ شايد ئي ڪا اهڙي مجلس هجي جنهن ۾ ٻي مسلمان ڀاءُ جي عيب جوئي نہ ڪئي ويندي هجي، جڏهن بہ ٽئين ماڻهوءَ جي ڳالهہ ٿيندي تہ ان جي ڪا نہ ڪا بُرائي ضرور بيان ڪئي ويندي، فلاڻو تہ هيئن آهي، فلاڻي هيئن ڪري ڇڏيو آهي، اڃا توڪان بہ ان ايئن ڪيو. وغيره وغيره، ايئن ڀانهو غيبت، تهمت، بدگماني، عيب جوئي ۾ مبتلا ٿي سخت گنهگار ٿيندو آهي. الله پاڪ اسان کي غوث پاڪ جي سيرت تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان کي نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي. اسان کي ظاهري ۽ باطني، سماجي ۽ معاشرتي برائين کان پاسو ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ٻين کي ترغيب ڏيارڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان کي نيڪين سان ڀرپور زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِـیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِـیۡن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

محمد مبشر رضا عطّاري
(درجہ رابعہ جامعة المدينہ
فيضان فاروق اعظم ساڌوڪي، لاهور)

# عيب ڳولهڻ جي مذمت احاديث جي روشنيءَ ۾

دين اسلام جي نظر ۾ هڪ انسان جي عزت ۽ احترام جي قدر تمام گهڻي آهي ۽ جيڪڏهن اهو انسان مسلمان بہ آهي تہ ان جي عزت ۽ حرمت اجا بہ وڌي وڃي ٿي. انهيءَ ڪري دين اسلام انهن تمام افعالن کان بچڻ جو حڪم ڏنو آهي جن سان ڪنهن انسان جي عزت ۽ حرمت پامال ٿيندي آهي انهن افعالن مان هڪ فعل ڪنهن جا عيب ڳولهڻ بہ آهي ۽ ان کي ٻين جي سامهون بيان ڪرڻ بہ آهي. جنهن جو انسان جي عزت ۽ آبرو کي تباهہ ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار آهي انهيءَ ڪري دين اسلام عيبن کي تلاش ڪرڻ ۽ انهن کي ماڻهن جي سامهون شرعي اجازت جي بغير بيان ڪرڻ کان منع ڪيو ۽ ان کان باز نہ اچڻ وارن کي سخت وعيدون ٻڌايون تہ جيئن انهن وعيدن کان ڊڄي ڪري ان بُري فعل کان باز اچن جيئن تہ اللہ پاڪ فرمائي ٿو: (وَلَاتَجَسَّسُوْا) ترجموڪنزالعرفان: ۽ عيب نہ ڳولهيو. (پ26، الحجرات:12) هن آيت ۾ حڪم ڏنو ويو تہ مسلمانن جي عيب جوئي نہ ڪيو ۽ انهن جي پوشيده حالت جي ڳولها ۾ نہ رهو جنهن کي اللہ پاڪ پنهنجي سَتاريءَ سان لڪايو آهي. (خزائن العرفان، ص930) اچو! عيب جوئي جي مذمت متعلق ڪجھ فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا:

(1) اي اهي انسانو جيڪي زبان سان تہ ايمان کڻي آيا آهيو پر توهان جي دلين ۾ اجا تائين ايمان داخل ناهي ٿيو، مسمانن جا عيب نہ ڳولهيو چوتہ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاء جو عيب ڳولهيندو اللہ پاڪ ان جو عيب ظاهر فرمائي ڇڏيندو ۽ اللہ پاڪ جنهن جو عيب ظاهر فرمائي ڇڏي تہ ان کي رسوا ڪري ڇڏيندو آهي جيتوڻيڪ اهو پنهنجي گهر جي اندر هجي. (ابوداؤد،4/354،حديث:4880)

(2) اللہ پاڪ جا بهترين ٻانها اهي آهن جو جن کي ڏسو وڃي تہ اللہ ياد اچي



وجي ۽ الله جا بدترين ٻانها اهي آهن جيڪي چغل خوري ڪن ٿا، دوستن جي وچ ۾ جدائي وجهن ٿا، نيڪ ماڻهن ۾ عيب ڳولهڻ وارا آهن. (مشڪاة، 2/198،حديث:4871)

(3) پاڻ کي بدگماني کان بچايو جو بدگماني بدترين ڪوڙ آهي ۽ نہ ئي عيب جوئي ڪيو، نہ وري ڪنهن جون پوشيده ڳالهيون ۽ اي الله جا ٻانهؤ پاڻ ۾ ڀائر بڻجي وڃو. (مشڪاة، 2/222، حديث: 5028 ملتقطاً)

(4) چغل خورن ۽ پاڪيزه ماڻهن جا عيب تلاش ڪرڻ وارن کي الله پاڪ (قيامت جي ڏينهن) ڪتن جي شڪل ۾ اٿاريندو.

(الترغيب و الترهيب، 3/325، حديث:10)

هيستائين اوهان عيب جوئي جي مذمت بابت حديثون پڙهيون يعني ڪنهن جي عيب ڳولهڻ جي ڪوشش ناهي ڪرڻي پر جيڪڏهن ڪنهن جو عيب معلوم ٿي وڃي تہ ڇا ڪجي؟

(5) هن بابت مُعلّمِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جي عيب کي ڏسي وٺي ۽ ان جي پرده پوشي ڪري تہ الله پاڪ ان پرده پوشي جي ڪري ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو.

**عيب جوئي جو حڪم:**

مسلمان جي عيب جوئي (يعني ان جا عيب ڳولهڻ) حرام آهي. (فتاوىٰ رضويه، 14/271) دين اسلام عيب ڳولهڻ ۽ بنا شرعي اجازت جي بيان ڪرڻ کان منع فرمايو آهي.

معزز قارئينِ ڪرام! هر بيماري جا ڪجھ سبب هوندا آهن ۽ عيب جوئي جا ڪجھ سبب آهن جنهن کي درج ڪيو پيو وڃي. انهن کي ذهن ۾ رکي ڇڏيو تہ جيئن انهن سببن کان بچي سگهجي ۽ عيب جوئي جهڙي مذمت جوڳي بيماري کان نجات حاصل ٿي: بغض ۽ ڪينو، ذاتي دشمني، حسد، چغل خوري جي عادت، نفاق، منفي سوچ، شهرت ۽ مال ۽ دولت جي هوس.

الله پاڪ اسان کي ٻين جا عيب ڳولهڻ کان بچڻ ۽ پنهنجي عيبن جي اصلاح ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.



بنت نديم عطاريہ
جامعة المدينہ فيضان ابوهريره

# پنهنجي دل جي صفائي ڪيو

شايد هن حقيقت کان ڪو انڪار نہ ڪري تہ اسان روز وهنجندا آهيون پر پوءِ بہ اڳئين ڏينهن تائين پگهر ۽ ڌوڙ مٽي سان جسم ميرو ٿي ويندو آهي، اهڙي طرح روزانو صبح گهر جي صفائي سترائي ڪئي ويندي آهي ۽ هر هفتي گهر جا ڄارا صاف ڪيا ويندا آهن پر شام تائين گهر بيهر خراب ٿي ويندو آهي ۽ اڳئين ڏينهن تائن ڇتن ۽ ديوارن تي بيهر ڄارا ڏسڻ ۾ ايندا آهن پر ان جي باوجود اسان وهنجڻ، صفائي سترائي ڪرڻ در و ديوار تان ڄارا لاهڻ ناهيون ڇڏيندا، آخر ڇو....؟ ڇوتہ اسان ڄاڻيون ٿا تہ جيڪڏهن اسان وهنجڻ ڇڏي ڏينداسين تہ مٿي ۾ جونءِ پئجي ويندي، جسم تي مٽي جمي ويندي ۽ ان مان بدبو اچڻ لڳندي، ايئن ئي ڪجهہ عرصي تائين گهر جي صفائي سترائي ڇڏڻ جي صورت ۾ گهر رهڻ جي قابل نہ رهندو، لهٰذا اسان جسم، لباس ۽ گهريلو صفائي کي اهميت ڏيندا آهيون ۽ ڏيڻ بہ گهرجي.

**اهم شيءِ جي صفائي کان غفلت:** پر هڪ اهم شيءِ اهڙي بہ آهي جنهن جي صفائي جي طرف عام طور تي توجهہ ناهي ڏني ويندي ۽ اها آهي دل! حالانڪ دلين جو معاملو بہ ڪجهہ اهڙو ئي آهي جو جڏهن اسان ان کي صاف سٿرو رکون تہ عبادتن ۾ دل لڳل هوندي آهي، فرائض سان گڏوگڏ اسان نفل بہ پڙهي رهيا هوندا آهيون، تهجد جي بہ سعادت ملي رهي هوندي آهي، پر جڏهن اسان ان جي صفائي کان منهن موڙي ڇڏيندا آهيون تہ هي ميري ۽ ڪاري ٿي ويندي آهي جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ نفل تہ نفل، فرضن ۾ بہ دل ناهي لڳي رهي هوندي، پاڻ تي زبردستي ڪري نمازون ادا ڪري رهيا هوندا آهيون، گناهن جو رجحان وڌي ويندو آهي ۽ انهن کان بچڻ مشڪل ٿي ويندو آهي ۽ مصيبت مٿان مصيبت هي آهي تہ ميرو ٿيڻ کان بعد دل چڱين ڳالهين جو اثر بہ ڏاڍو مشڪل سان قبول ڪندي آهي.

لهٰذا ٻين شين جي صفائي کان علاوه پنهنجي دل جي صفائي ۽ پاڪيزگي جو بہ خيال رکڻ گهرجي. اچو! ڏسون ٿا تہ دل ميري ڪيئن ٿيندي آهي ۽ ان جي صفائي جي لاءِ ڇا اهتمام ڪرڻ گهرجي.

**دل جي گندگي جو سبب:** حضرت ابوهريره رضي الله عنه بيان ڪن ٿا ته رسول الله صلي الله عليه واله وسلم فرمايو: جڏهن مومن گناهه ڪندو آهي ته ان جي دل ۾ هڪ ڪارو ٽڪو لڳي ويندو آهي، جيڪڏهن اهو توبه ڪري وٺي ۽ بخشش طلب ڪري ته دل ۾ چمڪ ۽ صفائي پيدا ٿي ويندي آهي ۽ وڌيڪ گناهه ڪندو آهي ته ٽڪا وڌندا ويندا آهن، ايستائين جو ان جي دل تي اهو زنگ چڙهي ويندو آهي جنهن جو ذڪر الله پاڪ قرآن ڪريم هيئن فرمايو آهي: (كَلَّا بَلْ ۜ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ) ترجمو: (ايئن) هرگز نه (آهي) بلڪ انهن جي ڪمايل عملن انهن جي دلين تي ڪٽ چاڙهي ڇڏي آهي.

(مسند امام احمد، 3 / 154، حديث : 7957-پ، مطففين: 14)

خبر پئي ته دل گناهن جي ڪري ڪاري ۽ ڪٽ واري ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن اسان غور ڪيون ته اندازو ٿيندو ته اسان کان نه چاڻ روزانو ڪيترائي گناهه ٿيندا آهن. ڪنهن جو مذاق اڏايو، ڪنهن جي غيبت ڪئي، ڪنهن جي دل ڏکائي ۽ ٻيا به ڪُوڙ سارا گناهه آهن جيڪي اسان کان ٿيندا رهندا آهن، انهن گناهن جو سلسلو جاري رهڻ ۽ توبه و استغفار کان غافل رهڻ جي سبب ڪارا ٽڪا اسان جي دل تي لڳندا ويندا آهن، جسم، لباس، استعمال واريون شيون ۽ گهر جي صفائي تي اسان وقت ۽ پيسا خرچ ڪرڻ سان گڏوگڏ محنت به ڪندا آهيون، ڪيترو نه چڱو ٿئي جو اسان دل جي صفائي جي لاءِ به انصاف کان ڪم وٺون.

**دل جي صفائي جو طريقو:** ان جو طريقو مٿي ذڪر ڪيل حديث شريف ۾ ئي بيان ٿيو ته گناهه ڪرڻ وارو توبه ڪري بخشش طلب ڪري ته دل چمڪي پوندي آهي.

ضروري ناهي ته اسان صرف انهي وقت توبه و استغفار ڪيون جڏهن اسان کي پنهنجي ڪنهن گناهه جي خبر پوي، بلڪه اسان کي گهرجي ته وقتاً فوقتاً توبه و استغفار ڪندا رهون، ڇوته ڪڏهن بظاهر اسان کي لڳي رهيو هوندو آهي ته اسان کو گناهه ناهيون ڪري رهيا، اسان فلمون ناهيون ڏسندا، گانا ناهيون ٻڌندا، تمام نمازون به پڙهي رهيا هوندا آهيون پر پوءِ به اسان کان بي خبري ۾ ڪيئي گناهه ٿي ويندا آهن، غيبت چغلي، بدگماني، تڪبر، دل آزاري ۽ حق تلفي جهڙا گناهه اهڙا آهن جو ڪرڻ واري جي اوڏانهن توجهه ناهي ويندي ته مون کان گناهه ٿي ويو آهي. انهيءَ ڪري استغفار کي پاڻ تي لازم ڪيو، روزانو پنهنجي گناهن جون معافيون گهرو ۽ پنهنجي ربّ کان بخشش طلب ڪيو، اسان جيترو وڌيڪ استغفار ڪنداسين اوتروئي اسان جي دل صاف ستري ۽ چمڪدار رهندي، دل صاف رهندي ته عبادت ۾ لذت ۽ سرور به ملندو ۽ ذوق و شوق به وڌندو. جسم ۽ لباس جي صفائي جيڪڏهن شخصيت سنواري ٿي ته دل جي پاڪيزگي اعمال سنواري ٿي، ان کان علاوه استغفار جو هڪ زبردست فائدو هي به

آهي تہ ان جي برڪت سان زندگي جون دشواريون آسان ٿي وينديون آهن، جيئن تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص پابندي سان استغفار ڪندو رهندو الله پاڪ ان جي لاءِ هر طرح جي تنگي کان نڪرڻ جو رستو بڻائي ڇڏيندو آهي.

(ابو داؤد، 2/ 122، حديث: 1518)

الله پاڪ اسان کي گناهن جي گندگي کان بچائي ۽ پنهنجي دلين کي صاف رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# نبوت جي برڪتن جو ظهور

جيئن سج نڪرڻ کان پهرين تارن جو لڪي وڃڻ، صبح صادق جي اچاڻ، شفق جي ٻاڙهاڻ سج نڪرڻ جي خوشخبري ڏينديون آهن اهڙي طرح جڏهن نبوت جي سج اڀرڻ جو وقت ويجهو آيو ته ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تمام گهڻا اهڙا عجيب عجيب ۽ خلافِ عادت واقعا ظاهر ٿيڻ لڳا جيڪي سڄي ڪائنات کي سجاڳ ڪري اها بشارت ڏيڻ لڳا ته رسالت جو سج پوري آب و تاب سان اڀرڻ وارو آهي. جيئن اصحابِ فيل جي هلاڪت جو واقعو، برساتِ رحمت سان عرب جي سر زمين جو سر سبز ۽ شاداب ٿي وڃڻ ۽ سالن جو ڏڪار ختم ٿي وڃڻ ملڪ ۾ خوشحالي جو دؤر اچڻ، بتن جو منهن پر ڪري پوڻ، فارس جي مجوسين جي هڪ هزار سالن کان ٻاريل باهه جو يڪدم وسامي وڃڻ، ڪسريٰ جي محل ۾ زلزلي جو اچي وڃڻ ۽ ان جي چوڏهن ڪنگرن جو ڪري پوڻ، ”همدان“ ۽ ”قم“ جي وچ ۾ ڇهه ميل ڊگهي ۽ ڇهه ميل ويڪري ”درياءِ ساوه“ جو يڪدم سُڪي وڃڻ، شام ۽ ڪوفي جي وچ ۾ وادي ”سماوه“ جي سُڪل ندي جو اچانڪ وهي پوڻ، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي والده جي بدن مان هڪ اهڙي نور جو نڪرڻ جنهن سان ”بصريٰ“ جا محل روشن ٿي ويا. اهي سڀ واقعا انهيءَ سلسلي جون ڪڙيون آهن جيڪي حضورصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تشريف آڻڻ کان پهريان ئي ”خوشخبريون“ بڻجي عالَم ڪائنات کي اِها خوشخبري ڏيڻ لڳيون ته (المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، ولادته ...الخ، ج 1، ص 217......)

مبارک ہو وہ شہ پردے سے باہر آنے والا ہے

گدائی کو زمانہ جس کے در پر آنے والا ہے